ڊاڪٽر مخمور بخاري

# هالا جي ادبي تاريخ جو روشن باب _ انجم هالائي

**Abstract:**

*Anjum Halai was born on 15th August 1902 and departed this world from his native place, Hala, on 1st November, 1975. He established Hala's first primary School named "Muslim Anjum Primary School" and also served as the Vice President of Municipal Committee Hala from 1953 to 1955.*

*Post partition due to lack of Adabi Risalo, he starting publishing monthly "Firdous" in November, 1950 which continued till 1956 on monthly basis and he served as its editor until April 1953. He also rendered his services as editor in respect of Rahnima Risalo which was published from Nawabshah. He authored several books which include: Karwan e Zindagi, Piyari Nazneen, Haqeeqat e Zindagi, Shama e Islam on Seerat Pak and full Deewan e Ghazal under the title 'Deewan Anjum.' His novel `Karwan-e-Zindagi` is regarded a landmark in modern Sindhi literature.*

*Anjum Halai was a responsible poet, journalist and literary figure of his contemporary world. His works in the field of education and literature reflected the social problems of his times which became for the reason for him occupying a prominent place in the literary history of Hala.*

**سنڌ** جي ڇهه سؤ سال قديم علمي، ادبي، روحاني ۽ ثقافتي مرڪز هالا کي اهو شرف حاصل آهي تہ اُن جي ڪُک مان سنڌي علم ۽ ادب جي ڪيترن ئي هيرن جواهرن جنم ورتو. حضرت مخدوم نوحؒ کان ويندي، مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ تائين، خليفي گل محمد کان ويندي، آخوند قاسم هالائيءَ تائين، مخدوم امين پکن ڏٽي کان ويندي، مخدوم طالب المولىٰ تائين ۽ ان کان پوءِ اختر هالائي، سليم هالائي، منصور ويراڳي ۽ انور هالائيءَ تائين ۽ اڄ جي جديد شاعري جي دور جي قاضي معصوم هالائي، سوز هالائي ۽ حميد شهيد تائين، هڪ طويل فهرست اسان جي سامهون آهي. جن علم ۽ ادب جي آبياري خوب کان خوب تر ڪئي آهي. اهڙن ئي سدا حيات هستين





مان، هالا جو 'انجم' هالائي، هڪ خوبصورت نالو آهي، جنهن شاعريءَ سان گڏوگڏ ناول جهڙي صنف تي بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريا. ان سان گڏوگڏ تعليم جي ڦهلاءَ ۽ سماجي سڌاري لاءِ سياست جا اڙانگا پيچرا بہ لتاڙيا. انجم هالائي، سماجي تبديلي ۽ سڌاري خاطر، عملي مظاهرو بہ ڪيو. اول ۾ ميونسپالٽي هالا جو ميمبر مقرر ٿيو ۽ سنہ ١٩٥٣ع کان ١٩٥٥ع تائين هالا ميونسپالٽي جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ رهيو.

'انجم هالائي'، جنهن جو اصل نالو آخوند عبدالرحمان ميمڻ هو. تنهن ١٥ آگسٽ ١٩٠٢ع تي علي محمد ميمڻ جي گهر هالا ۾ جنم ورتو. هو پنهنجن ٻن ڀائرن، حاجي فيض محمد ۽ حاجي سومار کان وڏو هو. ابتدائي ديني تعليم ملان مڪتب مان حاصل ڪرڻ بعد، نالي واري شاعر، قاضي عبدالحي المعروف 'سليم هالائيءَ' جي والد، حاجي سليم الدين جي 'مسلم اسڪول' مان نصابي تعليم مرحوم حاجي سليم الدين ۽ آخوند عبدالحي مرحوم وٽان حاصل ڪيائين، جنهن کان پوءِ ١٩١٩ع ۾ ملا ٽرينگ ڪاليج شهدادپور مان فارغ التحصيل ٿيڻ کان ٿي، سنہ ١٩٢٠ع ۾ قاضي سليم الدين جي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. درس تدريس سندس بنيادي ڪرت رهي. هن ان شوق ۽ ذوق جي پورائي خاطر ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل جي سوچ آڏو رکي، وقت جي حڪومت کان، ناميار مدبر سياستدان، اديب ۽ عالم مخدوم غلام حيدر جي معرفت هالا ۾ هڪ پلاٽ حاصل ڪري پرائمري اسڪول تعمير ڪرايو، جنهن ۾ سال ١٩٤٠ع کان پڙهائيءَ جي باقائدي شروعات ٿي، سال ١٩٦١ع ۾ هن اسڪول کي مڊل اسڪول جو درجو ڏنو ويو جيڪو ١٩٦٥ع تائين رهيو پر اڳتي پنهنجي اها حيثيت قائم رکي نہ سگهيو. سنہ ١٩٧٢ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي اسڪول کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو. جيڪو اڄ بہ سندس يادگار طور 'مسلم انجم پرائمري اسڪول' جي نالي سان قائم آهي.

انجم هالائي، هالا جي مشاعرن ۽ ادبي تقريبن جي جان سمجهيو ويندو هو. مرحوم اختر هالائي ۽ انجم هالائي، هالا جي مشاعرن جي محفلن کي گرمائڻ ۽ منجهس رنگ ڀرڻ لاءِ اهم شخص سمجهايا ويندا هئا. انجم هالائيءَ ١٩١٦ع ۾ هالا ۾ پهرئين جڙيل ادبي تنظيم 'انجمن مولود النبي' ۾ بانيڪارن الحاج پيرو محمد 'سائل' ۽ جان محمد اضعف هالائيءَ سان گڏ ڪم ڪيو، توڙي جو ان وقت سندس ڄمار ننڍي هئي، پر پنهنجي علمي سرگرمين جو آغاز ڄڻ هن پليٽ فارم تان ئي ڪيائين.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انجم هالائي، شاعريءَ ۾ هالا جي شاعر جان محمد ’جان‘ کان اصلاح وٺندو هو. حافظ جان محمد، هالا جي ادبي تاريخ جو هڪ روشن ستارو ٿي گذريو آهي. جنهن سنہ ١٨٧٠ع ۾ جنم ورتو ۽ ١٩٣٢ع ۾ وفات ڪئي. سندس شاعري مذهبي، اصلاحي ۽ اخلاقي نوعيت جي هئي. سندس ڪيترائي مولود سڄي سنڌ ۾ پڙهيا ويندا هئا پر افسوس جو سندس سموري شاعري، هڪ هنڌ يڪجا نہ ٿي سگهي ۽ گهڻي حد تائين ضايع ٿي چڪي آهي. شاعريءَ جي هڪ قلمي نسخي مان رمضان بابت سندس هڪ شعر هٿ آيو آهي جيڪو هت محفوظ ڪرڻ جي خيال کان درج ڪجي ٿو.(١):

## رمضان

خدا رمضان ڪيو رحمت، سبحان الله، سبحان الله ،
مَنجهس قرآن جي برڪت، سبحان الله، سبحان الله!
رکي روزائتو روزو، سڻي آواز سانجهيءَ جو،
وٺي افطار جي لذت، سبحان الله، سبحان الله!
مسافر يا مرض وارو، ٿئو بيوس جو ويچارو،
قضا جي ڪري اَتَس رخصت، سبحان الله، سبحان الله!
پئو پيغمبرؐ پايو، تڏهن رمضان هت آيو،
خلافت جي ڏڪي خلعت، سبحان الله، سبحان الله!
جڏهن روزِ حشر ٿيندو، تڏهن رمضان اُت ايندو،
سونهاري جي اُن جيءَ صورت، سبحان الله، سبحان الله!
خدايا جن رکيا روزا، اهي مون ساڻ ڪر اوڏا،
وٺي تن کي وڃان جنت، سبحان الله، سبحان الله!
جُڳائي ’جان محمد‘ چئي، سڄي سردار سيد تي،
پڙهو ڪلمي سندي قرئت، سبحان الله، سبحان الله!

اڳتي هلي، انجم صاحب هالا مان پهريون پيرو هڪ ادبي رسالو ’ماهوار فردوس‘ نالي سان سنہ ١٩٥٠ع ۾ جاري ڪيو. هيءَ رسالو توڙي جو ١٩٥٦ع تائين مستقل شايع ٿيندو رهيو، پر اپريل ١٩٥٣ع ۾ انجم هن رسالي کان ڪن سببن جي ڪري جدا ٿي ويو. جنهن کان پوءِ هن رسالي جو سرپرست مخدوم طالب المولىٰ بڻيو ۽ مرحوم سليم





هالائي اُن جو نئون ايڊيٽر مقرر ٿيو. ماهوار فردوس، ’اداره فردوس‘ پاران شايع ٿيندو هو، ڪي خبر ناهي ڇو فردوس جي ڪن پرچن تي اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ: ”فردوس ’انجمن علم ۽ ادب هالا‘ پاران شايع ٿيندو آهي“. رسالي ۾ انجم صاحب مئي ١٩٥٢ع کان ’بزم فردوس‘ قائم ڪري، طرحي اخباري مشاعرن جو رواج قائم ڪيو، هر ماهہ طرح مصرع پرچي ۾ ڏني ويندي هئي، جنهن تي سڄي سنڌ مان شاعر پنهنجو طرحي ڪلام ٺاهي، ڏياري موڪليندا هئا، جنهن جو اختصار ايندڙ شماري ۾ شايع ڪيو ويندو هو. ’بزم فردوس‘ جي ڪجهہ ’مصرع‘ طرحون: هن ريت آهن(٢):

(١) گلستانِ جهان ۾ ڪر جمالِ رنگ وبو پيدا (مئي ١٩٥٢ع )

هيءَ بزم فردوس جي پهريئن مشاعري جي طرح هئي.

(٢) ڪيئن ٿئي ادا زبان سان، رسول خدا جو شان (جنوري ١٩٥٣ع)

(٣) ڪنهن جي باعث توکي آهي عشق جي عزت ملي (فيبروري ١٩٥٣ع)

انجم هالائي، ماهوار فردوس جي علمي صحت کي خوب اعلىٰ ڪيو، جنهن سبب ڪيترائي اهم ليکڪ هن پرچي ۾ لکڻ لڳا، جن ۾ مخدوم طالب المولىٰ، عارف المولىٰ، ذوالفقار راشدي، الهه بخش سرشار عقيلي، سليم هالائي، اختر هالائي، عبدالڪريم پلي، امير قريشي، محبوب علي چنہ، عثمان علي انصاري، اسماعيل عرساڻي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. انجم، ’ماهوار فردوس‘ جو نومبر ١٩٥٠ع کان اپريل ١٩٥٣ع تائين ايڊيٽر رهيو. جنهن کان پوءِ هن پرچي جي ادارت جا فرائض سليم هالائيءَ جي سپرد ٿيا. جنهن جي دور ۾ ١٩٥٦ع تائين ’مخدوم نوح‘، ’شاعر‘ ۽ ’عورت‘ نمبر شايع ٿيا. هي رسالو الزمان پرنٽنگ پريس هالا مان ڇپبو هو.

ماهوار فردوس ان وقت جي ادبي رسالن ۾ هڪ اهم ادبي رسالو ڳڻيو ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ انجم هالائي خود هڪ شاعر، ناول نگار، مضمون نويس جي حيثيت رکندو هو، اُن ڪري، هن رسالي ۾ شايع ٿيندڙ مواد جي صحت جو هر حوالي کان خيال رکيو ۽ اها حقيقت آهي تہ هڪ ڄاڻو ايڊيٽر پڙهندڙ کي بهتر مواد ڏئي سگهي ٿو. ان سڄي پس منظر ۾ اسان ڏسون ٿا تہ ’ماهوار فردوس‘ هڪ بهترين ادبي رسالو هو ۽ اهو ئي سبب هو، جو نومبر ١٩٥٠ع کان ١٩٥٦ع تائين ’فردوس‘ هر ماهہ باقائدگيءَ سان شايع ٿيندو رهيو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ هن رسالي بابت لکيو آهي تہ: ”سنڌي زبان ۾ هيءُ رسالو، پنهنجي نوعيت وارو پهريون رسالو هو، جنهن ۾ علم ۽ ادب، شعر ۽ شاعريءَ سان گڏ قلم بين نوجوانن جي وندر لاءِ پڻ مواد ڏنو ويندو هو. فلمي ۽ غير فلمي تصويرون پڻ ڏنيون ويندنيون هيون.“(۳)

’فردوس‘ پنهنجي وقت جو نهايت مقبول رسالو هو، ان جي مارچ ۱۹۵۳ع واري پرچي ۾، اردو جي مشهور ناول نگار انتظار حسين جي ناول ’ميري نديم‘ جو اشتهار بہ شايع ٿيو هو. جديد هالا جي معمار مخدوم غلام حيدر جي وفات تي سنڌ جي شعور جي ڏک جي ڪيفيت جو اظهار انجم، جون ۱۹۵۳ع واري پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ هن طرح ڪيو هو: ’سندن ساري حياتي صرف تعليم ۽ اسلام لاءِ وقف ٿي چڪي هئي. حياتيءَ جي آخري لمحي تائين ڪين پنهنجي قوم جي ٻچن جي ترقيءَ جو بيحد فکر هو.(۴)

انجم هالائي ’فُردوس‘ جي ادارت ڇڏڻ کان پوءِ، آڪٽوبر ۱۹۵۵ع کان ڪجهہ عرصو ’ماهوار رهنما نوابشاهہ‘ جو چيف ايڊيٽر ٿي رهيو. جڏهن تہ محمد عمر راڄپر هن رسالي جو ايڊيٽر هو، هي رسالو پڻ علمي معيار ۾ بهتر ڳڻيو ويندو هو. يقيناً ان رسالي جي معيار وڌائڻ ۾ انجم صاحب جون علمي خدمتون شامل آهن.

انجم هالائي، ۱ نومبر ۱۹۷۵ع تي هالا ۾ وفات ڪئي، ڪيس سندس اباڻي قبرستان هالا ۾ ئي دفنايو ويو. سندس مزار تي سنڌ جي ناليواري شاعر حافظ احسن چنا ۽ الحاج رحيم بخش ’قمر‘ لاڪي جا شعر نصب ڪيا ويا هئا، جيڪي هن وقت مزار تي موجود نہ آهن. الحاج رحيم بخش قمر ’لاڪي‘ جو اهو شعر سندس قلمي ذخيري مان اسان کي هٿ آيو آهي، جيڪو هت پيش ڪجي ٿو:

عبدالرحمان، انجم ويو،
هاءِ! اسان کان، انجم ويو.
سيرت، صورت سهڻيءَ وارو،
اشرف انسان، انجم ويو.
سانگي پنهنجي سانگ تي ساجن،
سونهن جو سامان، انجم ويو.





لا اِلٰہ الا اللّٰہ،
ساري سبحان، انجم ويو.
سنڌي علم و ادب جي اُپَّ جو،
شمع فروزان، انجم ويو.
سامونڊيئڙو سفر سمبائي،
مانجهي مهمان، انجم ويو.
موج پرئي مهراڻ جو موتي،
ملڪ جو مرجان، انجم ويو.
جيءَ جياريو جوڳيئڙو الا،
سُوئي گلستان، انجم ويو.
ماهِ نومبر، ماهِ شوال ۾،
پڙهندي قرآن، انجم ويو.
سان هجري سال ’قمر‘ لک،
1305=7+1300 سان، انجم ويو. (۵)

## انجم جو علمي ادبي پورهيو:

انجم صاحب نہ رڳو ستو ايڊيٽر هو، پر هن جي قلم ڪيترائي ڪتاب پڻ سرجيا، جيڪي پڻ گهڻا مقبول رهيا، ڪن ڪتابن جا تہ ڪيترائي ڇاپا پڻ شايع ٿيا. سندس علمي پورهئي جو وچور ڪجهہ هن ريت آهي:

۱.شمع اسلام: ڇاپو پهريون ۱۹۳٦، ٻيو ۱۹۳۷، ٽيون ۱۹۵۲، چوٿون ۱۹۵٦، پنجون ۱۹٦۱، هن مختصر ڪتاب جو اَٺون ڇاپو سنہ ۱۹٦۹ع ۾، حاجي فيض محمد، ڪلاٿ مرچنٽ نوابشاهہ واري طرفان پڌرو ڪيو ويو.

۲.پياري نازنين (ناول).

۳.ڪاروان زندگي: (۱۹۵۲ع)، فردوس پبليڪيشن هالا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۴. ديوان انجم: (۱۹۵۷ع)، (هي ڪتاب حاجي فيض محمد ڪلاٽ مرچنٽ نوابشاهه واري طرفان فردوس پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپجي پڌرو ٿيو).

۵. علم اخلاق.

۶. حقيقت زندگي: ۱۹۶۲ع، حاجي فيض محمد نوابشاهه.

انجم هالائي اسلام جي روشن جذبي سان منور هو سندس ناولن توڙي ٻين ڪتابن جا موضوع اسلامي، اخلاقي ۽ اصلاحي آهن. هت سندس ڪجهه اهم ڪتابن بابت مطالعو پيش ڪجي ٿو:

## حقيقت زندگي:

هي انجم صاحب جو ناصحانا انداز ۾ لکيل، ۲۷۲ ڊيمي سائيز جي صفحن جو ضخيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪل ۲۱ باب شامل آهن. هڪ باب نصيحت آميز آهي ته ٻئي ۾ وري ناول وارو تسلسل رکيل آهي، جنهن جو مقصد پڻ دنيا جي بي ثباتي ۽ زندگيءَ جي مختصر هجڻ واريءَ حالت ۾ انسان کي بهتر کان بهتر ٿيڻ جي تلقين ڪيل آهي.

## شمع اسلام:

هن مختصر ڪتاب جو موضوع، سيرت پاڪ آهي. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اعليٰ اخلاق جو تذڪرو اهڙي جامع، سليس ۽ عام انداز ۾ ڪيو ويو آهي، جيئن هر سطح جو پڙهندڙ، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت، عمل ۽ خلق لاءِ، اسلام جي ترقيءَ وارين سمورين ڪيل ڪوشش ۽ اسلام جي بنيادي روح کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي. هن ڪتاب جي عام مقبوليت ان ڳالهه مان ئي لڳائي سگهجي ٿي ته سال ۱۹۳۶ع کان سال ۱۹۶۹ع تائين، هن ڪتاب جا اٺ ڇاپا شايع ٿيا. هي ڪتاب انجم هالائيءَ جي سيرت پاڪ تي مطالعي توڙي گفتگوءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهي.





## ڪاروان زندگي:

انجم صاحب هي ناول اڄ کان ٽيهٺ کن سال اڳ لکيو هو، جيڪو يقيناً ان وقت جو هڪ جديد ناول هو. همت ۽ حوصلي سان وقت جو مقابلو ڪرڻ، عورت کي جائز مقام ڏيڻ ۽ محبت کي هڪ پاڪ، پوتر ۽ نازڪ جذبو سمجهڻ جهڙا نيارا خيال، هن ناول ۾ موجود آهن. سادي انداز ۾ لکيل هن ناول ۾ سماج جي هڪ روايتي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. ناول جو هيرو حميد، بيروزگاريءَ سبب سخت پريشانيءَ ۾، پنهنجيءَ زال ۽ ماءُ پيءُ کي ڪجهه به ٻڌائڻ کان سواءِ، روزگار لاءِ رات جي اونداهيءَ ۾ گهر ڇڏي ٿو، ان مرحلي تي حميد هڪ دفعو بيمار زال ڏانهن نهاري ٿو، جيڪا تيز بخار سبب، نيم بيهوش آهي، مگر پوءِ به هڪ روشن مستقبل لاءِ هو ان کي اتي ڇڏي پاڻ گهر ڇڏي وڃي ٿو. هن جي خودداريءَ جي جذبي ۽ ارادي جي قوت کي جو مصيبتن مرده ڪيو هو، ان ۾ تبديلي آئي ۽ هن کي هڪ نئين زندگي ملي وئي.

’ڇا مان پنهنجي روزي نه ٿو ڪمائي سگهان؟.‘..... (ص ۲،۳)

وقت، گهٽو ئي ڪجهه تبديل ڪري ٿو. ڇاڪاڻ جو وقت کو هڪ هنڌ بيهڻ پاڻي ناهي، جو سينور جي وڃي. وقت ته پکيءَ جيان بس هر هر پڙڪو ڏئي اڏامندو رهي ٿو. وقت جي رفتار سان ڊوڙڻ ئي شايد ڪاميابي آهي پر اهو به ياد رکڻ گهرجي ته وقت پلي ڪيترو به تيزيءَ سان گذري، پر همت ۽ حوصلو انسان کي پنهنجي پاڙن کان ڇني ڌار نه ٿو ڪري سگهي. زندگيءَ جي هر گذرندڙ لمحي ۾، هڪ نئون مسئلو جنم وٺي ٿو، جنهن کي سلجهائڻ، اُن جو حل ڳولڻ ئي انسان جي بردباري ۽ همت جو مثال بڻجندو آهي. انجم هالائي، ذڪر هيٺ ناول ۾ ان ڳالهه کي سمجهائيندي چئي ٿو:

”ڏس، اڄ رات کي، ضرور صبح به ٿيندو! خزان کي بهار به ايندو! ان ڪري همت کان ڪم وٺڻ گهرجي!“

انجم جو هي پيغام، فطرت جي مثالن سان گڏجي اسان تائين پهچي ٿو، جيڪو نئين سوچ جي اڳواٽي ڪري ٿو. رات ڪيتري به طويل هجي، مگر يقين آهي ته باک ڦٽندي!

ناول ’ڪاروان زندگي‘ ۾، عورت جي حيثيت ۽ اهميت کي ان دور ۾ بحث



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هيٺ آندو ويو آهي، جڏهن عام طور عورت کي سماج ۾ ڪو خاص اهميت پريو مقام مليل نہ هو. توڙي جو هي موضوع، سنڌي ناول ۾ ڪو پهريون پيرو تہ آيل نہ هو. ان وقت تائين ڪن مختلف ناولن ۾، عورت جي سماجي حيثيت کي تسليم ڪيو ويو هو. مرزا قليچ بيگ جو ناول 'زينت'، ان سلسلي جو هڪ خوبصورت ناول آهي. ذڪر هيٺ ناول ۾، جهڙيءَ ريت، انجم صاحب عورت جي همٿ، حوصلي ۽ ان جي اهميت کي پيش ڪري ٿو. اهو مصنف جي ئي زباني پيش ڪجي تہ بهتر ٿيندو:

”جيڪڏهن هاري بيدار ٿئي تہ زميندار ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگهي، سواءِ تسليم خم ڪرڻ جي . عورت بيدار ٿي وڃي تہ مرد ڪجھ بہ ڪري نہ ٿو سگهي، سواءِ ڪنڌ نمائڻ جي. وقت آيو آهي تہ عورت بيدار ٿئي ۽ سجاڳ ٿي، پنهنجي هستي ۽ پنهنجن حقن کي سمجهي، سوچي ۽ سڃاڻي!“ (ص ۴۲)

”پڃري ۾ پکي ڦٿڪي ٿو ۽ حسرت سان آسمان ڏانهن نهاري ٿو! ڇاجي لاءِ؟ جيل خاني ۾ قيدي قابو آهي، ڪيس هٿڪڙيون پيون آهن. هو حسرت ڀريل امنگن سان چئوطرف منهن ڦيرائي ڏسي ٿو! ڇاجي لاءِ؟ اسان جي جسم ۾ خون حرڪت ڪري ٿو، رڳن ۾ ڊوڙي ٿو ۽ دل تائين پهچي ٿو، پر وري واپس ٿئي ٿو، ڇا جي لاءِ؟ وڏيون وڏيون لڙايون لڳن ٿيون، خدا جي بندن، سون بلڪ هزارن جو خون وهي ٿو! ڇا جي لاءِ؟ هنن سڀني سوالن جا جواب فقط هڪ لفظ 'آزادي' ۾ پوشيده آهن.“ (ص ۴۳)

”نہ نہ، بلڪل نہ، منهنجو اهو اشارو موجوده وقت هلندڙ 'آزاديءَ' ڏانهن نہ آهي، جيئن مغربي تهذيب موجب بيپردگيءَ سان هلندي، اڪثر افراد، اخلاق خواه ايمان جو ڏيوالو ڪڍي رهيا آهن، مگر منهنجو چوڻ آهي، تہ عورت کي بہ پنهنجي راءِ ۽ نيڪ خيالن جي وقعت هئڻ گهرجي. عورت کي بہ تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ گهرجي. هي جو اخبارن ۾ نوٽيس، عورت جي نالي سان پيا اچن يا ناخوشگوار حقيقتون گوش گذار پيون رهن، انهن لاءِ بہ غور سان ڏسبو، تہ انهيءَ فيصلي تي پهچبو تہ ان ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن مرد جو قصور هوندو !“ (ص ۴۴-۴۳)

” عورت جا، اخبارن ۾ جيڪڏهن هي نوٽيس ڏسجن ٿا، تہ ان ۾ بہ ڪن مردن جي ئي شرارت هوندي ۽ جا عورت ڀڄي ٿي، تہ اُن ۾ بہ مردن جو ئي هٿ هوندو يا تہ ڪنهن نا عاقبت انديش والد جو ئي قصور هوندو.“ (ص ۴۷)





انجم جي ناول جا، عورت بابت مٿيان خيال سندس هڪ پڙهيل لکيل ذهن ۽ دور انديش سوچ جا مثال آهن. عورت سماج جي ڍانچي جو هڪ اهم رڪن آهي. جنهن جي مثبت سوچ ۽ ڪردار سماجي نظام کي هلائڻ لاءِ پنهنجا فرض ادا ڪري سگهي ٿي. عورت جيستائين خود پڙهيل لکيل نہ هوندي، جيستائين هوءَ پاڻ متعلق خود فيصلا نہ ڪندي ان وقت تائين هڪ صحتمند معاشرتي نظام جي تڪميل ممڪن ناهي. اسان اڄ جي دور ۾ عورت کي ان جا حقوق ڏيڻ جون ڳالهيون تہ ڪريون ٿا، اڄ جي عورت ڀلي تہ پڙهيل لکيل هجي، مگر حقيقت اها آهي تہ اسان اڄ بہ عورت کي معاشي ۽ اخلاقي سطح تي خود مختيار نہ بڻايو آهي. اڄ بہ معيشت جا سمورا ذريعا مرد جي هٿ هيٺ آهن. گهر جي خرچ هلائڻ لاءِ مرد ان کي مهيني جي جمع (پگهار) ڏي ٿو، پر بار بار ان جو حساب گهري ٿو. اها عورت جي اهليت تي شڪ ڪرڻ جي برابر آهي، مرد خود گهر کان ٻاهر ڪيترو بہ خرچ ڪري، هو ان جو پنهنجي زال کي حساب ڪتاب ڏيڻ جو ذميوار نہ ٿو سمجهي. موجود وقت ۾ نوڪري ڪندڙ عورت اڄا وڌيڪ ڏکيائين ۾ سفر ڪري رهي آهي. نوڪريءَ دوران، مرد جي روين کان هوءَ خود کي محفوظ رکڻ جا جتن ڪري ٿي. نوڪريءَ جي وقت کان پوءِ گهر ۾ ڪاڌي تيار ڪرڻ، ٻارن جي هوم ورڪ ۽ ٻين گهرو ڪم ڪارين ۾ مصروف رهي ٿي، مرد فقط نوڪريءَ کان پوءِ، آرام ڪرڻ، دوستن سان وقت گذارڻ ۽ فطري ضرورت پوري ڪرڻ تائين محدود رهي ٿو. ان صورتحال مان عورت تي ڪم جي وڌندڙ دٻاءَ جو احساس چٽيءَ طرح ٿئي ٿو تہ ٻيءَ صورت ۾ اڄ بہ گهر کان ٻاهر نڪرندڙ عورت مرد جي نظر کان محفوظ ناهي. عورت کي آزاديءَ جي نالي گهر کان ٻاهر وٺي ايندڙ مرد افسوس جو اڄ بہ مهذب نہ بڻجي سگهيو آهي. هن سموريءَ صورتحال ۾، انجم هالائيءَ جي هيءَ هڪ سٽ 'عورت بيدار ٿي وڃي تہ مرد ڪجھ بہ ڪري نہ ٿو سگهي، سواءِ ڪنڌ نمائڻ جي' ئي اسان لاءِ سوچڻ جو مقام پيدا ڪري ٿي.

انجم هالائي، بنيادي طور هڪ حساس دل رکندڙ تخليقڪار آهي. هن ناول ۾، محبت بابت سندس خيال بہ نازڪ ۽ حساسيت سان ڀريل آهن:

”آئون سليم آهيان.“ ائين چئي هوءَ هلي ويئي. مون ڇا ڏٺو تہ هڪ حُسن ۽ نُور جو مجسمو هو، جو شمعدان جي هلڪي روشنيءَ ۾ صاف ۽ سادي پوشاڪ ۾،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منهنجي دل کي، طبعيت کي، جذبات کي ڪشش ڪري رهيو هو. سندس سهڻي صورت ۽ موهڻي مورت، مضبوط جسم، اپريل سينو، سڌو نڪ ۽ اکيون هرڻ جي اکين جهڙيون هيون.“ (ص ٣١)

”رعنائي رنگ جي ساڙهي، سندس حسين جسم تي هيري جي چمڪ جو ڏيکاءُ ڏئي رهي هئي. شهناز، اونداهي محسوس ڪري بجلي ٻاري ڇڏي. هاڻ ته روشنائيءَ ۾ سندس حُسنِ جمال بي مثال دوبالا پئي نظر آيو.“ (ص ٦٩)

انجم هالائيءَ جو چٽيل هي جمالياتي منظر اڄ کان لڳ ڀڳ ٽيهٺ سال اڳ جو آهي، يقيناً هي خيال اُن دور ۾ پيش ڪرڻ مصنف جي آزاد خياليءَ جو ثبوت آهي.

حُسن بنياد آهي محبت جو. حُسناڪيءَ/ سُونهن/ خوبصورتيءَ کي پسند ڪرڻ کان اڳتي ڪنهن کي چاهڻ جو جذبو اندر ۾ ٿئي ٿو. مقصد ته هي هڪ فطري جذبو آهي. ناول ’ڪاروان زندگي‘ جي ڪهاڻي حقيقت ۾ محبت جي چؤگرد ئي ڦرندي رهي ٿي:

”محبت هڪ پاڪ جذبي جو نالو آهي. محبت جو ڪنهن رشتيداريءَ سان ڪوبه تعلق نه آهي. پنهنجي محبت: چنڊ جي حسين سهائيءَ کان به زياده ڪشش ڪندڙ، معصوم فرشتن کان به وڌيڪ پاڪ ۽ مقدس آهي. پنهنجي الفت شاديءَ جي شعلن کان بيزار ۽ نفساني خواهشن کان ڪوهين پري آهي.“(ص ٢٩٤)

هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾، طوائف جو ڪردار به اهم آهي. ڪجھ پيسن عيوض پنهنجو تن ڪپائيندڙ اُن عورت بابت انجم صاحب جا خيال ڇرڪائيندڙ آهن. اسان اڄ به انهن بابت نه ٿا سوچيون:

”اوهان مرد مجمعي ۾ بيهي وڏيون تقريرون ڪريو ٿا، اسان قوم جا خادم آهيون. اسان جي دل ۾ قوم لاءِ درد موجود آهي. ڇا؟ اهو درد آهي ته اوهان جي قوم جو هڪ فرد مري رهيو آهي ۽ توهان ٻن منٽن لاءِ هن وٽ ويهڻ ته نهيو. پر هن کي پري کان ڏسيو نڪ تي پيا رومال ڏيو ۽ پري پيا ڀڄو! ڏس ته مون وٽ به اهڙا ماڻهو روزمره ايندا رهن ٿا، جي به اهڙين بيمارن جا شڪار ٿين ٿا. ليڪن جيستائين هنن مان مون وٽ ڪو به رهي ٿو، تيستائين هن جي هر طرح دلجوئي ڪريان ٿي.“ (ص ٦٦-١٦٥)





محمود کي طوائف پنهنجي طوائف بڻجڻ جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿي ته ڪهڙيءَ طرح هوءَ اُن مَقام تائين پهتي. هڪ هنڌ لکي ٿو:

”جهڙيءَ طرح پونئر هڪ گل تي ويهي. ان جو ساءُ وٺي وري وڃي ٻئي گل تي واسو ڪندو آهي، تهڙيءَ طرح هو ٻي عورت هٿ ڪري مون کي بربادي جي راهه تي ڇڏي رفوچڪر ٿي ويو. مون کي هن تلخ تجربي ثابت ڪري ڏنو، ته مرد دغاباز، مڪار، هَوس پرست آهن، جن سان محبت رکڻ هڪ وڏو جُرم آهي. پنهنجي دستگيريءَ لاءِ ڪو به انسان ڪو نه ڏٺم. خيال ڪيم، ته ڪا ملازمت ملي وڃي ته پيٽ قوت پيئي حاصل ڪريان. مگر جتان ڪٿان نا اميديءَ جو جواب پئي نصيب ٿيو. جيڏانهن به نهاريم ٿي، تيڏانهن مردن جي نظر اشاري بازي، ڇڪتاڻ لڳي پئي هئي. آخر جڏهن مون تي بُک غلبو ڪيو، تڏهن مون کي پنهنجي عصمت فروشيءَ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. ان بعد انهيءَ انتقامي ارادي سان هٿ وڌي آهيان.“(ص:٢-١٧١)

عورت جي عصمت فروش ٿيڻ واري ان ڪهاڻيءَ ۾ اُن ئي عورت سان مرد جي محبت جي ڪهاڻيءَ جو هڪ نرالو رخ انجم پيش ڪيو آهي. ناول جي هيري محمود جي پهرئين پيار سليم جڏهن ٻڌي ٿي ته محمود، جنهن سان ظاهري محبت جو ڊرامو ڪري وقت پاس ڪري ٿو ته ان کي وري طوائف به ڪوٺي ٿو ته هن کي اهو ڄاڻي افسوس ٿئي ٿو ۽ پوءِ سليم، محمود کي چئي ٿي:

”محبت ڪرڻ واري محبوب کي طوائف سڏڻ نه فقط زيادتي آهي، پر صريحاً ظلم آهي. جنهن شخصيت سان اوهان محبت ڪريو ٿا،ان کي ڪيني ۽ بغض واري نگاهه سان ڏسڻ، يا هن جي لاءِ غلط راءِ قائم ڪرڻ، اوهان جي محبت جي بي عزتي آهي.“ (ص ١٢٩)

سليم جي نظر ۾ محبت هڪ پاڪ ۽ مُقدس جذبو آهي، پوءِ ڀلي اها محبت ڇو نه هڪ بدپيشو اختيار ڪيل عورت سان ئي هجي، پر محبت جي تقاضا اها آهي ته اها محبت ئي هجي. محبت جسم جي سرحدن کان اڳتي کان شروع ٿئي ٿي. اها روح جي تارُن کي ڇيڙي، انسان جي اندر ۾ زندگي پيدا ڪري ٿي، خوبصورتي پيدا ڪري ٿي. همٿ، حوصلي ۽ جذبي کي جنم ڏئي ٿي. عصمت فروش عورت جو اندر بدنما هجي، اهو ممڪن ناهي. انسان رڳو ظاهري ڏيک ويک تي پنهنجا فيصلا مڙهي ٿو، ان ڪري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هُن کي ڪنهن جي ظاهر جي بجاءِ ان جي باطن جي چڱاين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

هي ناول ’ڪاروان زندگي‘ سليس ۽ عام فهم زبان ۾ لکيل هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ محبت ۽ جستجو جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. ناول جا واقعا فني ترتيب مطابق اهڙي ته انداز سان بيهاريل آهن، جو جڏهن حميد آڏو محمود پنهنجو قصو بيان ڪرڻ ويهي ٿو ته قاريءَ جو خيال حميد جي اڳين حالتن کان هٽي، محمود جي ڪهاڻيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿو. پر جڏهن حميد، محمود جي ڪهاڻي ٻڌي اڳتي وڌي ٿو ته محمود جي تصور تان قاريءَ جو ڌيان هٽي وڃي ٿو. ليڪن ڏنو وڃي ته محمود سان حميد جي ملڻ کان پوءِ واري قصي ۾ هڪ تعلق ضرور قائم رهي ٿو. خاص طور جڏهن جواهر، حميد سان پنهنجي محبت جو ذڪر ڪري ساڻس پڇي وڃي شادي ڪرڻ گهري ٿي ته ان وقت حميد نه احسان فراموش ٿيڻ گهري ٿو ۽ نه ئي ظاهري موهه تي موهجي، پنهنجي اصل محبت پنهنجي زال ذڪيه سلطانه ۽ ماءُ پيءُ کي وساري ٿو؛ بلڪ ان جاءِ تي حميد خود کي ثابت قدم پيش ڪندي، شاديءَ کان انڪار ڪري ٿو ۽ جواهر کي سمجهائي واپس گهر موڪلي ڇڏي ٿو.

انجم هالائي جو هي ناول موضوعاتي طور پنهنجي دور جو هڪ ماڊرن ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ ناول آهي. جديد هالا جي باني مخدوم غلام حيدر هن ناول جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

”هي ناول سنڌ جي صحيح ضرورتن مطابق لکيو ويو آهي. هن جهڙا ناول ۽ انهن جا مصنف واقعي قابل تعريف آهن.“(٦)

واقعي به هي ناول ورهاڱي کان پوءِ ترت شايع ٿيل ناولن ۾، پنهنجي موضوع ۽ سليس ۽ عام فهم عبارت جي سبب اهم ۽ وقتائتو ناول آهي.

## شاعري:

انجم هالائي بنيادي طور غزل جو شاعر آهي. سنڌس غزل جو ديوان ’ديوان انجم‘ جي نالي سان ١٩٥٧ع ۾ شايع ٿيو. سنڌس غزل پنهنجي دور جو عام فهم ۽ سادي اسلوب ۽ زبان وارو غزل آهي، جيڪو خليفي گُل جي غزل جيان فارسي اثر کان





بچيل ديسي رنگ ۾ رڱيل آهي. سنڌس غزل رومانوي به آهي ته گڏوگڏ دوستي، جفا، زندگيءَ جي بي ثباتي، دنيا کان بيزاريءَ جهڙا مضمون به هن غزل ۾ آندا اٿس. انجم غزل ۾ حمد به چيا آهن ته نعتن به! ديوان انجم جي شروعات هن خوبصورت حمد سان ٿيل آهي:

تون راحم، تون حاڪم، خدايا خدايا
تون دائم، تون قائم، خدايا خدايا

تون ستار، غفار، قادر، قدير، تون خالق،
تون مالڪ سميع و بصير،
تون حنان، منان، عالم، خبير،
خدايا خدايا خدايا خدايا.
(ص ٣٣)

رسول ﷺ جن جي سڪ ۾ پنهنجن جذبن جو اظهار ڪجهه هن طرح ڪري ٿو:

عين اطهر، نور انور، مصطفيٰ يا مصطفيٰ
گنج گوهر، منهنجا سرور، مصطفيٰ يا مصطفيٰ
تنهنجو نالو سيدا! جنهن دم ٻڌن جن و بشر،
تا پڙهن صلواة هرهر، مصطفيٰ يا مصطفيٰ.
(ص ٣٥)

حيات، موت، ڪائنات جي ازلي اصولن منجهان آهي. هر ڪو پنهنجو ڪردار ادا ڪري وري واپس پنهنجي سفر تي روانو ٿيو پوي. حيات جا سمورا رنگ اک جي ڇپر ڪرڻ کان پوءِ بي رنگ بڻجيو وڃن. حيات ۾ پل ته ڪيترائي رنگ ترنگ چو نه هجن، پر اهي بس ساهه جي تند سان ئي جڙيل رهن ٿا. انجم هالائي حيات جي هن مختصر هجڻ واري ڳالهه ڪجهه هن طرح ڪئي آهي:

جهان آهه جاني، سڄو ڏيک فاني،
حياتي چوان چا، اٿئي ڏينهن بس به.
اقارب جي ’انجم‘، اٿئي ڏينهن بس به،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پراوا يا پنھنجا، اٿئي ڏينھن بس ڀ.
(ص ٤٧)

دار فاني تي نہ 'انجم'، رک ڪڏھن ڪو پروسو،
ناھ دائم زندگي، ھن دار جو آ اشتياق.
(ص ١٤٦)

مديني جي خاڪ تي پنھنجو سر نمائڻ ۽ روضہ مبارڪ پَسڻ جو اشتياق، ھر سچي مسلمان جي دل ۾ رھي ٿو. انجم صاحب پنھنجن اھڙن جذبن جو اظھار ھن طرح ڪري ٿو:

پڇاڙي عمر جي آھي، ڏسان مان گنبذِ خضريٰ
رھي ھيءَ روح ۾ آھي، مدينہ ۾ مرڻ جي سڌَ
(ص٦٩)

روضہءِ اطھر ڏسان، چشمن سان چائنٺ کي چمان،
دل کي ديدار، ديارِ يار جو آ اشتياق
(ص ١٤٦)

انجم ھالائي پنھنجي نثر توڙي نظم ۾ اخلاقي، اصلاحي مضمون آندو آھي، چاڪاڻ تہ ھن ادب ڪان واٽ ڏيکارڻ وارو ڪم ورتو ٿي. اونداھين ۾ روشني پيدا ڪرڻ وارو ڪم ھن ادب ڪان حاصل ڪرڻ ٿي چاھيو. اديب سنئين واٽ ڏيکاري ٿو ۽ سياستدان ان واٽ تي عوام کي پنھنجي اڳواڻي ۾ وٺي ھلي ٿو. انجم صاحب ھڪ ئي وقت تي ٻئي ڪم ڪري رھيو ھو ۽ ھن اھو بہ چاتو ٿي تہ جيڪڏھن رھبر، رھنما جو ڪردار درست آھي تہ ھڪ صحتمند معاشرو اڏڻ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ ٿي پئجي سگھي، تنھن ڪري ھن چاھيو ٿي تہ ملڪ جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ھيئنئين طبقي مان فرد پيدا ٿين. ديوان انجم ۾ اھڙو اظھار ڪندي چئي ٿو:

ڪاش ليڊر ٿي وڃن، اڄ ملڪ جا معمار سڀ،
خوش ٿين سڀ مرد و زن، پير و جوان ۽ ٻار سڀ.
ملڪ ۾ زردار طبقي، آھ آندي مفلسي،





قوم جا دشمن پڪا، آھن اھي زردار سڀ.
(ص ٤٩)

انجم ھالائي جتي پنھنجي شعر ۾ اخلاقي ۽ اصلاحي موضوع ۽ مضمون آندا آھن، اتي ھن جي اندر ۾ ھڪ شاعر جي دل بہ آھي. جيڪا معصوم ۽ پوتر محب جي پوڄاري آھي. ھن جي شاعري ۾ محبوب جي سُونھن، سُندرتا جو اظھار بہ آھي تہ وڇوڙي جون ڪيفيتون بہ آھن تہ پنھنجي تاساري من جو آلاپ ۽ ورلاپ بہ آھي. چئي ٿو:

تشنگي ۾ ڪاش ساقيءَ ڪان، مون کي ساغر ملي
جو پياري پر ڪري، سو دلربا ملي
دل ۾ آھي آرزو، ديدار دلبر جو ملي
پيو ملي ھرھر ملي، مخفي ملي، اظھر ملي
(ص ٢٣٧)

۽ ھڪ ٻئي ھنڌ پنھنجي ھجر ۽ فراق جي ڪھاڻي بيان ڪندي چئي رھيو آھي:

ڪسي ديد دلڙي، ڏتاري ڪٺي
ويو رمز سان، رانجھن ھٺي
سوا تنھنجي سھڻا، نہ راحت خوشي
وٺي ڪين ٿي، سينڌ سرمون ڦٽي.
سڄڻ جي ڏسڻ لاءِ، 'انجم' سندي،
اداس رھي دل، گھٽي ڪان گھٽي.
(ص ٢٣٦)

محبت جي اھا فطري تقاضا آھي تہ پرينءَ کي سموري جھان ڪان وڌيڪ حسين، خوبصورت ۽ معصوم سمجھجي، اُن جي ساراھ ۽ تعريف بيان ڪجي. انجم ھڪ صادق عاشق جيان اھو ڪم سرانجام ڏنو آھي. محبوب جا ڪارا زلف، اُن جي حسين چھري تي نانگن وانگيا پانئبا آھن ۽ اُھي زلف ئي پرينءَ جي سُونھن سَوِيبا ۾ بہ بي تحاشا اضافو ڪري وجھندا آھن، انجم چوي ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

كاڪلِ خمدار تي، جنهن دم نظر منهنجي پئي
ور پيو، ونگجي وئي بس، دل اڙي وئي دام ۾
(ص ١٤٠)

زلف سياه تنهنجا، ڏنگين تا اي دلبر
لٽڪائي تو چڏيا جي آهن، سي مار سچ پچ
زلفن کي تو پکيڙيو، سڀ مُلڪ واسجي ويا
خوشبو نہ اهڙي ڏيندو، مشڪِ تتار سچ پچ
(ص ٨٣)

وٽن تا وار ڪارونيار، گهنڊيدار، اي دلبر
هٽن تا ڏنگ جي ڏاڍا، سي آهن مار اي دلبر
اهي ڪارا تا ڪن وارا، وڙهن واسينگ وانگر تا
ڏنگڻ جي ڪار ڪن هربار، تا هي وار اي دلبر
(ص ١١٠)

هنن سٽن ۾ انجم ڪمال جي حُسناڪي پري آهي، اها سُونهن سندس تشبيهاتي ڪاريگريءَ سبب نکري پئي آهي. هو پنهنجي محبوب جي واکاڻ ڪندي ڍاپي نہ ٿو:

وار جهڙي ٿي ڪمر ۽ گل ڪان وڌ نازڪ بدن
ڏند موتي، زلف جيئن واسينگ، هر هڪ وار آهہ
(ص ٢١٤)

هن جي محبت جي ڪهاڻي ۾ رُسامو، پرچاءُ، ناراضگيون، حيرت، درد، ميلاپ، خوشي، ڪل، لڙڪ، بيقراري، لوچ، آنڌ مانڌ، تڙپ جا بہ ڪئين دور آيا ويا هوندا. انجم، محبوب جي حُسن جي ساراهہ بہ ڪري ٿو تہ پنهنجي نا مڪمل محبت جي ڪهاڻيءَ تي حيرت جو اظهار بہ ڪندو رهي ٿو، چئي ٿو:

رسي مون کان ويو دلبر، الاجي هاڻ ڇا ٿيندو
هو پرچي ڪين ٿو ڪنهن پر، الاجي هاڻ ڇا ٿيندو





پرون جاڙا، ڪشش وارا ۽ مرگان تير جو ڪم ڪن
هڻن سيني ۾ ٿا نشتر، الاجي هاڻ ڇا ٿيندو!
اکيون آهون جي آهُن مثل، ٻيو پاتو ڪجل تن آهہ
نهارين گهُور سان ويتر، الاجي هاڻ ڇا ٿيندو!
ٻچي نازڪ، اپو سينو، سنهي آ چيلهہ چوڪنڊي
قدامت سروقد وانگر، الاجي هاڻ ڇا ٿيندو!
ثنا دلبر جي اي 'انجم'، ڪري ڪهڙي ڪندين ڪهڙي
غزل اهڙو تون چئہ ٻيهر، الاجي هاڻ ڇا ٿيندو
(ص ٩٢)

سندس هنن سٽن ۾ تہ ڪمال جي عاجزي جي تصوير چٽيل آهي:

خاڪ قدمن جي، اکين ۾ مان وجهان
دست بستہ پير تنهنجا، مان چمان ڪهڙي طرح
(ص ٨٨)

عاشقي ۾ محبوب جي آڏو عاجزي ۽ نيازي ڪرڻ بہ مشروط آهي. عاشق جيستائين خود کي جهُڪائي نہ ٿو، ان وقت تائين پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ ۽ سڄڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهجي ٿو. انجم صاحب بہ پاڻ کي سڄڻ آڏو ان جي گولن غلامن جو بہ غلام سمجهي ٿو:

تنهنجي گولن جا جي گولا، تن جو مان گولو غلام
ڪين ڇڏ مون کي ڪڏهن، اي سُونهن جا سردار تون

'ديوان انجم' ڪيترن ئي فني خوبين سان سينگاريل پڻ آهي. قافيو غزل جي سُونهن آهي، پر جيڪڏهن ان قافيي کي نفاست ۽ نازڪ خياليءَ سان پيش ڪجي ٿو تہ اها سُونهن نکري پئي ٿي. انجم صاحب ائين الف ب جي ٥٢ اکرن جي پٽيءَ موجب غزل چيا آهن، پر ڪٿي ڪٿي خيال جي پيش ڪش ۾ اندروني قافيا ۽ ٻٽا قافيا بہ آندا اٿائين، جنهن سان پڻ سندس غزل جي سُونهن ۾ واڌارو ٿيندي نظر اچي ٿو، هيٺين ڇهن بندن واري غزل جي مطلع کان سواءِ باقي سمورن بندن ۾ اندروني قافيو ملي ٿو:

جهان آهي جاني، سڄو ڏيک فاني
حياتي چوان چا؟ اٿئي ڏينهن بس ٻه
اقارب انجمؔ، هميشه دوست همدم
پراوا يا پنهنجا، اٿئي ڏينهن بس ٻه
(ص ٤٧)

اهڙي هڪ ٻئي غزل ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ ئي سٽ ۾ ڪيترائي قافيا استعمال ڪيا ويا آهن:

وڻن ٿا وار ڪارونيار، گهنډيدار، اي دلبر
اهي ڪارا، ٿا ڪن وارا، وڙهن واسينگ وانگر ٿا
ڏنگڻ جي ڪار، ڪن هربار، ٿا هي وار اي دلبر
(ص ١١٠)

قافيي جي استعمال سان گڏو گڏ رديف ۾ پڻ اهڙو تجربو ڪيو ويو آهي يعني ساڳيو رديف ٻه دفعا اچاريو ويو آهي. جنهن سان غزل جي مضمون ۾ اثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي:

چا ڪيان سوز بيان، مون ڪان مَ پُڇ، مون ڪان مَ پُڇ
پنهنجو دردِ داستان، مون ڪان مَ پُڇ، مون ڪان مَ پُڇ
(ص ٨٦)

پهاڪو انساني تهذيب ۽ ثقافت سان گڏ سفر ڪندو آهي، جنهن ڪري اسان مختلف پهاڪن ۽ چوڻين ۾ تاريخ جي مختلف دور جي ثقافتن ۽ تهذيبن ۽ فردن جي سماجي حيثيتن کي پڻ پرکي سگهون ٿا. ڪنهن به زبان ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو جي وافر مقدار مهيا ٿئي ته سمجهڻ گُهرجي ته اها زبان تاريخ جو طويل سفر طئہ ڪري پاڻ سان ڪيترن ئي تهذيبن، ثقافتن، روايتن جو هڪ ڊگهو تسلسل ساڻ ڪٽي اڳتي وڌي رهي آهي. سنڌي زبان توڙي سنڌي سماج ان ڳالهه جو شاهد آهي ته هتان جي ڌرتيءَ تي هزارن سالن کان تهذيب، تمدن، ثقافت، روايت شاندار نموني ساهه کڻندي رهي آهي. سنڌي زبان ۾ پڻ گهڻي مقدار ۾ پهاڪا، چوڻيون توڙي اصطلاح موجود آهن، ته ساڳئي وقت شاعريءَ ۾ اهي استعمال ڪرڻ جو رواج به قائم آهي. انجم هالائيءَ جي مختلف





غزلن ۾ اسان کي سنڌيءَ جا ڪيترائي پهاڪا استعمال ٿيل ملن ٿا، جن مان ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

منهن ۾ موسيٰ جهڙو ۽ اندر ۾ ڇڻ ابليس جيئن
ڪمين ڪي ان جي زباني، قول تي ڪر اعتماد
ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير ڪاڇا
نہ گوهر ٺڪر جي، رهي ڪا فراست
گڏهن ڪان سونا زيور، گهوڙا ٻُڪن ۾ ليڪن
مورن جو مان ڪونهي، ڪانگن جي آهي عزت
(ص ٥٥)

جيرو اگر کپي ٿو، ٻڪري سڄي کهون ٿا
ٿوري ئي سود لئہ ٿا، نقصان ڪيون نهايت
(ص ٥٥)

مڏي نہ ديڄار، ڪاتي تکي ڪڻ
تون جلدي ڪري ڪار پنهنجي ميان وٺ
(ص ٦١)

انجم جي شاعريءَ ۾ اسان کي صنعتن جو به استعمال ملي ٿو. هن اکرن جي وسيلي ڪن لفظن ڏانهن اشارو ڪري پنهنجو مفهوم واضح ڪيو آهي:

پنهنجي قسمت آزمايم، فال تي واري ورق
دال، ري سان دال گڏ هو، دال ري ۽ نڪتو
(درد) (ص ١٦١)

چار حرفن مان، يڪو الفاظ ٺاهي ڪر عمل
حرف ٻڌ ۽ ياد ڪر تون، ميم، تي ۽ في ۽ قاف
(متفق) (ص ١٤٣)

انجم هالائي، جنهن دور ۾ هي غزل چيا، ان دور تائين سنڌي غزل جي عمارت جڙي چڪي هئي. خليفي گل هالائيءَ ان عمارت جا بنياد ١٨٥٨ع ڌاري رکي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڇڏيا هئا؛ بلڪ انهن بنيادن تي عمارت جو ڪم بہ شروع ڪري ڏنو. اهڙيءَ ريت قاسم، گدا، سانگي، آسو مل ڪان ويندي قليچ تائين اڻ ڳڻيا نالا هن فهرست ۾ شامل آهن. انجم جي دور تائين غزل ۾ روايتي انداز بہ جاري هو تہ جديديت جو رنگ بہ غزل تي غالب اچي رهيو هو. انجم توڙي جو سادا ۽ عام فهم عشقيا غزل چيا، پر هو گهڻي ڀاڱي فارسي آميزش ٻولي ۽ استعارن ڪان محفوظ رهيو آهي. هن جي غزل کي اسان گيڙو ويس غزل واري شروعاتي دور ۾ ڳڻي سگهون ٿا. يقيناً انجم هالائيءَ جي سامهون پنهنجي ڳوٺائي خليفي گُل هالائيءَ جو 'ديوان گُل' موجود هوندو جيڪو غزل کي نج پنهنجو ڪري پيش ڪري ٿو. 'اڪنڊ' لفظ آهي؛ جنهن جي معنيٰ آهي سِڪ، اڪير، انجم ان لفظ کي پنهنجي غزل جي رديف طور آندو آهي.

راتيون ۽ ڏينهن گذريا، پر نہ آيو دلربا
منتظر گهاريان گهڙيون، ٿو يار جي دل کي اڪنڊ
(ص ١٠٣)

اهڙا ڪجھ ٻيا بہ ديسي استعارا انجم جي غزل ۾ ملن ٿا:

ڀڳل ڀيڙي پراڻا ونجھ، ناهي ڪو سڻائو واءُ
خدا جي نام تي نا خدا، هن ڀراڪاري ڇڏ
(ص ١٠١)

پڪل ٿانءُ ڪنير جا، ساري نهائين
مگر مون کي ڀاڱي ۾ آيو ڪچو سڳ
(ص ١٥٦)

انجم هالائيءَ جي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر ابراهيم خليل لکيو آهي تہ:

”هو رڳو هڪ سادو عشقيہ غزل لکندڙ شاعر آهي، تنهن ڪري هن جو محبوب ۽ مرغوب موضوع دنيا جي شڪايت، حُسن ۽ جواني ۽ ان جا لوازمات، رقابت، محبوب جي جور ۽ ستم جو بيان آهي، جي هن جي ڪلام ۾ گهڻا ملندا مختصراً انجم جي شاعري غزل جي شاعري آهي.“(٧)

سو هت جيڪو ڪجھ انجم جي شاعري بابت بيان ڪيو ويو آهي اُن جي





روشنيءَ ۾، ڊاڪٽر خليل جي راءِ اهميت رکي ٿي. غزل ائين بہ محبوب سان راز، نياز جون ڳالهيون ڪرڻ ۽ ان جي حُسن جي تعريف ڪرڻ آهي، پر باوجود اُن جي انجم غزل ۾ ادبي ۽ فني حوالي سان خوبصورتي پيدا ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو پنهنجي دور ۾ ڪامياب بہ ٿيو، پر سندس غزل جي سڀ ڪان وڏي خوبصورتي اها آهي، جو هن پنهنجي غزل کي فارسيءَ جي اثر ڪان محفوظ رکيو ۽ ديسي رنگ ۾ رڱيو. انجم هڪ سادو، عام فهم، مگر گيڙو ويس غزل چوندڙ شاعر هو.

## حوالا


١. الحاج پيرو محمد سائل انصاري، 'ڪُليات سائل هالائي'، (قلمي)، ڪتابت: محمد عيسيٰ عاجز هالائي، ١٩٦٣ع، ص: ٣١-٣٠.
٢. ماهوار فردوس هالا جا مختلف پرچا.
٣. قريشي حامد علي خانائي، سنڌي زبان جا ادبي ماهوار رسالا (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ١٩٨١ع، ص: ٦-١٧٥.
٤. انجم هالائي (ايڊيٽر)، ماهوار فردوس، جون ١٩٥٣ع، ص: ٢.
٥. بشير هيسباڻي صاحب ڪان مليل.
٦. انجم هالائي، 'ڪاروان زندگي'، شروعاتي صفحا، فردوس پبليڪيشن، هالا، ١٩٥٢ع.
٧. انجم هالائي، 'ديوان انجم'، حاجي فيض محمد مرچنٽ، نوابشاهہ، ١٩٥٧ع، ص: ١٤.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair